SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريہ 1973

SINDH ACT NO.I OF 1973

سنڌ ماليات ايڪٽ، 1973

THE SINDH FINANCE ACT, 1973

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان، اضافوءِ شروعات
Short title, extent and commencement

2. وصفون
Definitions

3. 1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ V جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment of section 3 of West Pakistan Act V of 1958

4. 1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ X جي دفعہ 6_A ۽ شيڊول جي ترميم
Amendment of section 6_A and Schedule to West Pakistan Act X of 1958

5. 1963 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ IX جي ستين شيڊول جي ترميم
Amendment of the Seventh Schedule to West Pakistan Act IX of 1963

6. 1964 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ XXXIV جي دفعہ 12 جي ترميم
Amendment of Section 12 of West Pakistan Act XXXIV of 1964

7. 1969 جي اولهہ پاڪستان آرڊيننس VII جي دفعہ 8 جي ترميم

Amendment of Section 8 of West Pakistan Ordinance VII of 1969

8. سول ڪورٽن ۾ ڪيسن تي پابندي

Bar of suits in civil courts

9. قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

سنڌ ايڪٽ نمبر I مجريہ 1973

SINDH ACT NO.I OF 1973

سنڌ ماليات ايڪٽ، 1973

THE SINDH FINANCE ACT, 1973

[29 جولاءِ 1973]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ ڪجهه ٽيڪسز ۽ ڊيوٽيز لڳايون ۽ وڌايون ويندڙيون.

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ ڪجهه ٽيڪسز ۽ ڊيوٽيز لڳائڻ ۽ وڌائڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪي هن ريت هونديون؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان، اضافو ۽ شروعات

Short title, extent and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ ماليات ايڪٽ، 1973 سڏيو ويندو.

(2) هن جي پوري صوبي سنڌ تائين توثيق ڪئي ويندي.

(3) هي فوري طور ۽ پهرين جولاءِ 1973 کان لاڳو ٿيندو.

وصفون

Definitions

2.هن آرڊيننس ۾ جيستائين مفهوم ڪجهه ٻيو طلب نہ ڪري، هيٺين اظهارن جي ترتيبوار معنيٰ هن ريت هوندي:

(a) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(b) "بيان ڪيل" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدن موجب بيان ڪيل.

1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ V جي دفعه 3 جي ترميم

Amendment of

3. سنڌ شهري غير متحرڪ ملڪيت ٽيڪس ايڪٽ، 1958 (1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ V) جي دفعه 3 ۾:

(a) ذيلي دفعه (2) ۾ لفظن "ادا ڪيل" لاءِ لفظ "جمع ڪيل" متبادل ٿيندا ۽ هميشہ ايئن ئي تبديل ٿيل سمجهيا ويندا.

section 3 of West Pakistan Act V of 1958

(b)ذيلي دفعہ (3) کانپوءِ هيٺيون نيون دفعات شامل ڪيون ويندیون، يعني:

"(3_A) واپاري ۽ صنعتي مقصدن لاءِ عارضي طور يا مڪمل طور استعمال ٿيندڙ عمارتن يا زمينن تي هڪ بيٽرمينٽ ٽيڪس هيٺين پيماني تحت لڳائي ۽ جمع ڪئي ويندي:

(i)واپاري مقصد لاءِ پلاٽ	ڊڪيل ايراضي جي في چورس فٽ تي ڏهہ پئسا
(ii)صنعتي مقصد لاءِ پلاٽ	ڊڪيل ايراضي جي في چورس فٽ تي پنج پئسا

(3_B) ڪنهن بہ ريٽنگ ايريا يا ان جي حصي ۾ واپاري مقصد لاءِ 120 چورس گز ماپ تائين پلاٽ ۽ صنعتي مقصد لاءِ 400 چورس گز ماپ تائين پلاٽ تي ذيلي دفعہ (3_A) تحت ٽيڪس کان ڇوٽ هوندي."

1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ X جي دفعہ 6_A ۽ شيڊول جي ترميم

Amendment of section 6_A and Schedule to West Pakistan Act X of 1958

4.سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان تفريحن تي ڊيوٽي ايڪٽ، 1958 (1958 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ X) ۾:

(1)دفعہ 6_A ۾:

(a)ذيلي دفعہ (1) ۾:

(i)لفظن، انگن ۽ ڪاما "يا اولهہ پاڪستان ماليات آرڊيننس، 1969 جي دفعہ 8 ۾" کي ختم ڪيو ويندو؛

(ii)شقن (a) ۽ (b) ۾، لفظن، انگن ۽ ڪاما "۽ اولهہ پاڪستان ماليات آرڊيننس، 1969 تحت ويلفيئر سيس" کي ختم ڪيو ويندو؛

(iii) شق (c) ۾، لفظن، انگن ۽ ڪامائن "۽ اولهہ پاڪستان ماليات آرڊيننس، 1969 جي دفعہ 8 تحت ويلفيئر سيس" کي

ختم ڪيو ويندو.

(b)ذيلي دفعات (2)، (5)، (6) ۽ (8) ۽ ذيلي دفعہ (8) جي شرطيہ بيان ۾، لفظن "۽ ويلفيئر سيس" کي ختم ڪيو ويندو.

(c) ذيلي دفعہ (4) ۾، لفظن، انگن ۽ ڪامائن "۽ اولھ پاڪستان ماليات آرڊيننس، 1969 تحت ويلفيئر سيس" کي ختم ڪيو ويندو، ۽

(d) وضاحت جي شق (b) کي ختم ڪيو ويندو، ۽

(2)شيڊول جي ڪالم 2 جي عنوان ۾، لفظن "۽ ويلفيئر سيس" کي ختم ڪيو ويندو.

1963 جي اولھ پاڪستان ايڪٽ IX جي ستين شيڊول جي ترميم

Amendment of the Seventh Schedule to West Pakistan Act IX of 1963

5.سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولھ پاڪستان ماليات ايڪٽ، 1963 (1963 جي اولھ پاڪستان ايڪٽ IX) جي ستين شيڊول ۾، اگھ ۽ ٽيڪس جي ڪالم ۾:

(a)انگن ۽ لفظن "سادا 7 سيڪڙو" لاءِ انگ ۽ لفظ "10 سيڪڙو" متبادل ٿيندا، ۽

(b) انگ ۽ لفظن "10 سيڪڙو" لاءِ انگ ۽ لفظ "15 سيڪڙو" متبادل ٿيندا.

1964 جي اولھ پاڪستان ايڪٽ XXXIV جي دفعہ 12 جي ترميم

Amendment of Section 12 of West Pakistan

6.سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولھ پاڪستان ماليات ايڪٽ، 1964 (1964 جي اولھ پاڪستان ايڪٽ XXXIV) جي دفعہ 12 جي ذيلي دفعہ (1) ۽ ان جي شرطيہ بيان ۾، لفظن "ٻارنھن پئسا" لاءِ لفظ "ارڙھن پئسا" متبادل ٿيندا.

Act XXXIV of 1964

1969 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس VII جي دفعه 8 جي ترميم

Amendment of Section 8 of West Pakistan Ordinance VII of 1969

7.سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهه پاڪستان ماليات ايڪٽ، 1969 (1969 جي اولهه پاڪستان آرڊيننس VII) جي دفعه 8 جي ذيلي دفعه (1) ۾:

(a)شق (i) ۾، لفظن "ڏهه پئسا في ٽڪيٽ" لاءِ لفظ "ويهه پئسا في ٽڪيٽ" متبادل ٿيندا؛

(b)شق (ii) ۾، لفظن "هڪ روپيو في ٽڪيٽ" لاءِ لفظ "ٻه روپيا في ٽڪيٽ" متبادل ٿيندا.

سول ڪورٽن ۾ ڪيسن تي پابندي

Bar of suits in civil courts

8.هن ايڪٽ ۽ ان سلسلي ۾ جوڙيل قاعدن تحت لڳايل، اوڳاڙيل يا جمع ڪيل ٽيڪسز ۽ سيسز کي نبيرڻ يا تبديل ڪرڻ لاءِ ڪنهن سول ڪورٽ ۾ ڪو ڪيس نه ٿيندو.

قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

9.حڪومت هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي ۽ اهڙا قاعدا ٻين معاملن سان گڏ هن ايڪٽ تحت ٽيڪسز ۽ سيسز جي لڳائڻ، جمع ڪرڻ ۽ ادائگين جو طريقيڪار بيان ڪندا.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.